# تَوَجُّه اِلَي الله

**01-June-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

1 جون 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# تَوَجُّہ اِلي الله

(يعني الله پاڪ جي طرف توجہ ڪرڻ)

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... اِبۡتِهال ڇاڪي چئبو آهي...؟

✿... انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام جون مبارڪ عادتون

✿... اذانڻ واري ديڳ

✿... بزرگانِ دين جو پيارو انداز

✿... غلام تي عنايتن جو نرالو سبب

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه اُٺي وڏي ڪري عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ هاڻي هاڻي جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيا ۽ انهن عرض ڪيو: اي محمد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي نامهءِ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو.[1]

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے (2)

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... حلية الاولياء، جلد:1، صفحہ:120

[2] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سوره مجادله جو شان نزول

هڪ فقهي مسئلو آهي، جنهن کي ظِهَارُ چئبو آهي، علمِ فقه جي ڪتابن ۾ ظهار جو پورو باب (*Chapter*) ذڪر آهي. جيڪي شادي شده آهن، انهن کي هي مسئلا ضرور سکڻ گهرجن، ظهار جو سادو مطلب هي آهي ته پنهنجي زال کي پنهنجي ماءُ يا ڀيڻ جي مثل چوڻ مثلاً مڙس پنهنجي گهر واري کي چيو: تون منهنجي لاءِ منهنجي ماءُ وانگر آهين. هي ظِهار هوندو آهي، اسلام جي ابتدائي دور ۾ ظهار جو حڪم به طلاق جهڙو هيو يعني جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي گهر واري کي پنهنجي ماءُ يا ڀيڻ وغيره جي مثل چئي ڇڏي ته ان جي زال ان تي حرام ٿي ويندي هئي.

هڪ صحابيه آهي: حضرت خوله بنت ثعلبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا هڪ ڀيري سندس مڙس ڪيس چيو: تون مون تي منهنجي ماءُ جي مثل آهين. چئي ته ڇڏيائين بعد ۾ شرمسار ٿيا ته هي مون ڇا چئي ڇڏيو، هاڻي پريشان ٿي ويا ته ايئن ته نڪاح ٽٽي ويندو

[1] مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895ـ

آهي، گهر واري پنهنجي مڙس تي حرام ٿي ويندي آهي. انهيءَ پريشاني جي عالم ۾ حضرت خوله بنت ثعلبه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيون، سڄو واقعو بيان ڪيو ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! منهنجو مال ختم ٿي چڪو آهي، ماءُ پيءُ وفات ڪري چڪا آهن، عمر به وڏي وئي آهي ۽ ننڍڙا ٻار آهن، جيڪڏهن انهن کي پيءُ وٽ ڇڏي وڃان ٿي ته ماءُ کان سواءِ پروش ڪيئن ٿي سگهندي ۽ پاڻ وٽ ٿي رکان ته بک مري ويندا، هاڻي اهڙي ڪا صورت آهي جو منهنجي ۽ منهنجي مڙس جي درميان جدائي نه ٿي.؟ رسول رحمت، شفيع اُمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سڄو داستانِ حال ٻڌي ڪري فرمايو: تنهنجي مسئلي جي متعلق مون وٽ ڪو حڪم ناهي، يعني اجا تائين ظهار جي متعلق ڪو نئون حڪم نازل ناهي ٿيو ۽ پراڻو دستور اهو ئي آهي ته ظهار کان عورت حرام ٿي ويندي آهي.

حضرت خوله رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا گهڻو پريشان هيون، دل ۾ غم جو سمنڊ پرجي آيو، ٻارن جي فڪر به تڙپائي رهي هئي، ڪين باربار بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! منهنجي مڙس طلاق جو لفظ ناهي چيو، هُو منهنجي ٻارن جو پيءُ آهي(يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ڪا ته صورت ٻڌايو) پر رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ ئي جواب ارشاد فرمائي رهيا هئا: اجا تائين هن مسئلي جي متعلق ڪو حڪم نازل ناهي ٿيو.

باالآخر جڏهن انهن پنهنجي خواهش جي مطابق جواب نه لڌو ته دعا جي لاءِ هٿ کنيائين ۽ الله پاڪ جي بارگاه ۾ عرض ڪيائين: اي الله پاڪ! منهنجي محتاجي، بي وسي ۽ پريشان حاليءَ تي رحم فرماءِ، پنهنجي محبوب تي منهنجي حق ۾ اهڙو حڪم نازل فرماءِ جنهن سان منهنجي مصيبت دور ٿي وڃي. اجا حضرت خوله رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا بارگاه الٰهي ۾ عرض ڪري رهيون هيون ته غمگين دل جي دُعا قبول ٿي ۽ حضرت جبرائيل امين وحي کڻي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو.[1]

[1] … تفسيرخزائن العرفان، پاره:28، سورۀ مجادله ، تحت الآية: 1،صفحه:1001بتغير قليل

اُن موقعي تي سيپاري: 28 سورت مجادله جون ابتدائي آيتون نازل ٿيون، اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو:

اَلَّذِیْنَ یُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآىٕهِمْ مَّا هُنَّ
اُمَّهٰتِهِمْؕ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰٓـِٔیْ وَلَدْنَهُمْؕ وَ
اِنَّهُمْ لَیَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَ زُوْرًاؕ وَ
اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ (۲) وَ الَّذِیْنَ یُظٰهِرُوْنَ مِنْ
نِّسَآىٕهِمْ ثُمَّ یَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِیْرُ رَقَبَةٍ
مِّنْ قَبْلِ اَنْ یَّتَمَآسَّاؕ ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ
بِهٖؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِیْرٌ (۳) فَمَنْ لَّمْ
یَجِدْ فَصِیَامُ شَهْرَیْنِ مُتَتَابِعَیْنِ مِنْ قَبْلِ
اَنْ یَّتَمَآسَّاۚ فَمَنْ لَّمْ یَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ
سِتِّیْنَ مِسْكِیْنًاؕ ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ
رَسُوْلِهٖؕ وَ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِؕ
وَ لِلْكٰفِرِیْنَ عَذَابٌ اَلِیْمٌ (۴)

(پاره:28، سورۂ مُجَادَلَہ:2 تا 4)

ترجمو ڪنزالعرفان: توهان مان اهي ماڻهو جيڪي پنهنجين زالن کي پنهنجي ماءُ وانگر چئي ويهندا آهن اهي انهن جون مائرون ناهن، انهن جون مائرون ته اهي ئي آهن جن انهن کي ڄڻيو ۽ بيشڪ اهي ضرور ناپسنديده ۽ بالڪل ڪوڙي ڳالهه چون ٿا ۽ بيشڪ اللّٰه ضرور تمام گهڻو معاف ڪرڻ وارو، تمام گهڻو بخشڻ وارو آهي. ۽ جيڪي پنهنجي زالن کي پنهنجي ماءُ وانگر چون پوءِ پنهنجي چيل ڳالهه جو تدارڪ (تلافي) ڪرڻ چاهن ته (ان جو ڪفارو) زال مڙس جو هڪٻئي کي هٿ لڳائڻ کان پهريان هڪ غلام آزاد ڪرڻ آهي هي (اهو حڪم) آهي جنهن جي توهان کي نصيحت ڪئي ٿي وڃي ۽ اللّٰه توهان جي ڪمن کان خوب خبردار آهي. پوءِ جيڪو شخص (غلام) نه لهي ته زال مڙس جو هڪ ٻئي کي هٿ لڳائڻ کان اڳ لڳاتار ٻن مهينن جا روزا رکڻ (مڙس تي لازم آهي) پوءِ جيڪو (روزي جي) طاقت نه رکندو هجي ته سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ (لازم آهي) هي هن لاءِ جو توهان اللّٰه ۽ ان جي رسول تي ايمان رکو ۽ هي اللّٰه جون حدون آهن ۽ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

هنن آيتن ۾ ظهار جو حڪم ٻڌايو ويو تہ جيڪي پنهنجي زال کان ظهار ڪري وينا، انهن نهايت غلط ڪيو. هاڻي هن جو حڪم هي آهي تہ اهو پنهنجي زال جي ويجهو نٿو وڃي سگهي، ان تي لازم آهي تہ ظهار جي ڪفاري ۾ هڪ غلام آزاد ڪري، هي نہ ٿو ڪري سگهي تہ لاڳيتو 2 مهينن جا روزا رکي، هي بہ نٿو ڪري سگهي تہ 60 مسڪينن کي ٻن وقتن جو پيٽ ڀري کاڌو کارائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! **هن ايمان اَفروز، سبق آموز قرآني واقعي ۾ غور فرمايو! اسان ٿورو تصور ڪيون، حضرت خولہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا **ان وقت ڪيتري** درد ۽ تڪليف ۾ هيون، ماءُ پيءُ وفات ڪري چڪا هئا، پنهنجي عمر وڏي ٿي چڪي هئي، ٻار ننڍا هئا، هن حالت ۾ مڙس کان جدائي جو معاملو ٿي ويو، ان گهڙي ۾ دل ۾ غم جو سمنڊ هيو، هن ڪيفيت ۾ جڏهن انهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي تہ سندن هڪ دردناڪ **آهہ** جي برڪت سان قيامت تائين جي لاءِ مسلمانن تي آساني ڪئي وئي، ظهار جنهن جو حڪم طلاق وارو هيو، ان ۾ تخفيف ڪئي وئي، معلوم ٿيو: هڪ درد ڀري **آهہ** اهو ڪم ڪري ڏيکاريندي آهي جيڪو ڪنهن ٻي ذريعي سان ناهي ٿي سگهندو.

## اِبتِهال چاکي چئبو آهي

اسان وٽ ڪجھ ماڻهو شڪوا شڪايت ڪندي ناهن ٿڪجندا تہ اسان وڏيون دعائون گهريون پر قبول نہ ٿيون، اوّل تہ هي ياد رکو تہ هر دعا قبول ٿئي قبول ٿي، هي ضروري ناهي تہ جيڪو اسان گهريو، اسان کي اهو ئي ملي، ڪڏهن ڪڏهن اسان جي دعا جي برڪت سان اسان تان مصيبت ٽري ڪئي ويندي آهي، ۽ ڪڏهن اها دعا اسان جي لاءِ آخرت ۾ محفوظ ڪئي ويندي آهي. مطلب تہ، هر دعا قبول ٿيندي آهي. پوءِ اسان کي هي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ اسان دعا گهرندا ڇو آهيون؟ اسان جي معاشري ۾ هڪ تعداد انهن ماڻهن جو آهي جن

کي دعا گهرڻ بہ ناهي ايندي، دعا جي آداب مان آهي تہ دل ۾ غم جي ڪيفيت پيدا ڪري دعا گهري وڃي، هڪ اصطلاح آهي: **اِبتهال** يعني گڙگڙائي ڪري دعا گهرڻ، هٿن کي بلند ڪرڻ ۽ پوري توجهہ سان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪرڻ.[1]

هي اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سنت آهي. انهي ڪري الله پاڪ جي دربار ۾ روئي، پوري توجهہ سان دعا گهرڻ جي عادت بڻايو! ايئن دعا گهرندا تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! برڪتون نصيب ٿينديون.

| | |
|---|---|
| میں ہوں بندہ تُو ہے مولیٰ | تُو ہے قادِر، میں ناکارہ |
| میں منگتا تُو دینے والا | یااللہ! مری جھولی بھر دے |
| بخش دے میری ساری خطائیں | کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں |
| برسادے رحمت کی برکھا | یااللہ! مری جھولی بھر دے[2] |

## انبياءِ ڪرام عَلَيهمُ السَّلَام جون مبارڪ ادائون

قرآنِ ڪريم ۾ هڪ سورت آهي: سُورت انبياء. هن مبارڪ سورت ۾ ڪيئي انبياءِ ڪرام عَلَيهمُ السَّلَام جو تذڪرو آهي، هن ۾ خاص طور تي انبياءِ ڪرام عَلَيهمُ السَّلَام جو هي مبارڪ وصف بيان ٿيو آهي تہ الله پاڪ جا پيارا نبي، الله پاڪ جي حضور دعائون ڪندا هئا، ڪا مشڪل هوندي هئي، ڪا پريشاني هوندي هئي، انهن جي توجهہ جو مرڪز الله پاڪ جي ذات هوندي هئي، هي الله پاڪ کي پڪاريندا، رب جي حضور دعائون ڪندا هئا.

حضرت نوح عَلَيه السَّلَام تقريباً 950 سال پنهنجي قوم کي نيڪي جي دعوت ڏني پر انهن بدبخت ڪافرن ايمان نہ آندو، هي بدبخت پاڻ عَلَيه السَّلَام کي معاذالله! تڪليف ڏيندا، جسماني تشدد بہ ڪندا هئا، آخرڪار حضرت نوح عَلَيه السَّلَام الله ڪريم جي

[1] ... نضرة النعيم ،جلد: 2، صفحہ:2۔

[2] ...وسائل بخشش،صفحہ:122- 123 ملتقطاً ۔

بارگاھ ۾ دعا ڪئي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَنَجَّیْنٰهُ وَ اَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِیْمِ ﴿۷۶﴾ (پاره:17، سورۂ اَنْبِیَآء:76) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ اسان سندس دعا قبول فرمائي ۽ ان ۽ ان جي گهر وارن کي وڏي غم کان نجات ڏني. |

حضرت نوح عَلَيه السَّلَام جي هن دعا جي نتيجي ۾ ڪافرن تي تمام وڏي سيلاب جو عذاب آيو ۽ انهن کي تباھ ۽ برباد ڪيو ويو.[1]

اهڙي طرح حضرت ايوب عَلَيه السَّلَام تي آزمائش آئي، سندن دعا ڪيائون:

| | |
|---|---|
| اَنِّیْ مَسَّنِیَ الضُّرُّ وَ اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِیْنَ ﴿۸۳﴾ (پاره:17، سورۂ اَنْبِیَآء:83) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون سمورن رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين |

سندن دعا قبول ٿي، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَكَشَفْنَا مَا بِهٖ مِنْ ضُرٍّ وَّ اٰتَیْنٰهُ اَهْلَهٗ وَ مِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَ ذِكْرٰى لِلْعٰبِدِیْنَ ﴿۸۴﴾ (پاره:17، سورۂ اَنْبِیَآء:84) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ اسان ان جي دعا قبول ڪئي پوءِ جيڪا ان تي تڪليف هئي اها اسان ٽاري ڇڏي ۽ اسان پنهنجي طرفان مهرباني فرمائي ۽ عبادت گذارن کي نصيحت جي خاطر ايوب کي ان جا گهر وارا ۽ ان سان گڏ ايترائي ٻيا عطا ڪيا. |

[1] ... تفسيرطبری، پاره:17،سورۂ انبياء، تحت الآية: 76-77،جلد:9،صفحه:48-4

حضرت يونس عَلَيهِ السَّلَام تي آزمائش آئي، پاڻ مڇي جي پيٽ ۾ هليا ويا هئا، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام اتان الله پاڪ کي پڪاريو، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَ نَجَّیْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ؕ وَ كَذٰلِكَ نُـْۨجِی الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۸۸﴾ (پاره:17، سورة اَنْبِيآء:88) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ اسان ان جي پڪار ٻُڌي ورتي ۽ ان کي غم کان نجات ڏني ۽ اسان ايمان وارن کي ايئن ئي نجات ڏيندا آهيون. |

حضرت زڪريا عَلَيهِ السَّلَام وٽ اولاد نہ هئي، پاڻ پوڙهائپ جي عمر تائين پهچي چڪا هئا، سندن گهر واري حضرت اِيْشَاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا بہ سنڍ ٿي ويون هيون، هن حالت ۾ حضرت زڪريا عَلَيهِ السَّلَام دعا ڪئي:

| | |
|---|---|
| رَبِّ لَا تَذَرْنِیْ فَرْدًا وَّ اَنْتَ خَیْرُ الْوٰرِثِیْنَ ﴿۸۹﴾ (پاره:17، سورة اَنْبِيآء:89) | ترجموڪنزالعرفان: اي منهنجا رب! مون کي اڪيلو نہ ڇڏ ۽ تون سڀ کان بهتر وارث آهين. |

الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۫ وَ وَهَبْنَا لَهٗ یَحْیٰى وَ اَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ ؕ (پاره:17، سورة اَنْبِيآء:90) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ اسان ان جي دعا قبول ڪئي ۽ ان کي يحيٰ عطا فرمايو ۽ ان جي لاءِ ان جي گهر واري کي قابل ٻڻائي ڇڏيو. |

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام آهن، سيني کان بلند رتبي وارا آهن، انهن کي جڏهن بہ پريشاني ايندي هئي، مشڪل ايندي هئي،

هي الله ڪريم کي پڪاريندا هئا، ان جي طرف متوجهه ٿيندا هئا، انهيءَ جي حضور عرض ڪندا هئا ۽ ڪهڙي انداز ۾ دعا گهرندا هئا؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَيَدْعُوْنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ؕ وَكَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ ﴿۹۰﴾

(پاره:17، سورة اَنْبِيَاء:90)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان کي وڏي اميد ۽ وڏي خوف سان پڪاريندا هئا ۽ اسان جي دربار ۾ دل سان جهڪڻ وارا هئا.

هيءَ آهي اها بنيادي ڳالهه جنهن جي اسان جي معاشري ۾ ڪمي آهي، اسان توجهه الي الله کان محروم آهيون، اسان الله پاڪ کي ناهيون پڪاريندا، ان جي حضور ۾ صحيح انداز سان دعا ناهيون ڪندا. هي انبياءِ ڪرام عليهم السّلام جي سنت آهي تہ هُو دعا ڪندا هئا، ڪيئن ڪندا هئا: الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندي، ان جي رحمت تيڀروسو ڪندي، پوري رغبت سان، عاجزي ڪندي. ڪاش! اسان کي بہ هن انداز ۾ دعائون گهرڻ، پنهنجي الله پاڪ جي حضور گڙگڙائڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اسان وٽ سبب محدود آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اسان انسان آهيون ۽ بظاهر اسان وٽ زندگي گذارڻ ۽ پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ ڪيئي اسباب آهن پر هي بہ حقيقت آهي تہ اسان جا اسباب تمام محدود آهن، ڪيئي دفعا زندگي ۾ اهڙا موقعا ايندا آهن جو اسان جون تمام اميدون ختم ٿي وينديون آهن، اسان جي لاءِ سيئي دروازا بند ٿي ويندا آهن، ڪيئي دفعا ٿوري پيسن جي حاجت پيش اچي تہ ڪڏهن ڪڏهن مايوسي ٿي ويندي آهي، ٻانهو پاڻ سان اميد لڳائيندو آهي، پر پاڻ

ڪان قرض ناهي ملندو، ڪنهن سيٺ صاحب تي نظر پوندي آهي، سيٺ صاحب بہ معذرت ڪري ڇڏيندو آهي، دوست احباب بہ مطلوبہ رقم جو انتظام ناهن ڪري سگهندا، اهڙي وقت ۾ اسان جي لاءِ سڀئي دروازا بند ٿي ويندا آهن، ڪا اميد باقي ناهي بچندي، انسان مايوسي جو شڪار ٿيڻ لڳندو آهي پر ٿورو غور ڪيو! جڏهن سڀئي اميدون ٽٽي پون، ان وقت بہ هڪ اُميد باقي هوندي آهي، جڏهن سڀئي دروازا بند ٿي وڃن، ان وقت بہ هڪ دروازو کليل هوندو آهي ۽ اهو دروازو منهنجي ربّ ڪريم جو دروازو آهي، بادشاهن جا دروازا بند ٿي ويندا آهن، منهنجي ربّ ڪريم جو دروازو ڪڏهن بند ناهي ٿيندو، ماڻهو ساٿ ڇڏي ڏيندا آهن، دوست احباب منهن ڦيري ڇڏيندا آهن، ياءُ ياءُ ڪان پري ڀڄندو آهي پر منهنجو پيارو اللہ پاڪ پنهنجي ٻانهن کي مايوس ناهي ڪندو. ان جي دروازي تي نيڪوڪار اچي، ان کي نوازيندو آهي، گنهگار اچي، ان جي جهولي ڀري ڇڏيندو آهي.

جو ہیبت سے رُکے مجرم تو رحمت نے کہا بڑھ کر | چلے آؤ! چلے آؤ! یہ گھر رحمٰن کا گھر ہے[(1)]

## سيٺ صاحب کي ننڊ ڇو نہ آئي..؟

هڪ امير شخص هيو، پنهنجي گاڏي، پنهنجو بنگلو، سنو ڪاروبار ۽ اللہ پاڪ جو ڏنل سڀ ڪجهه هيو، هڪ ڏينهن اهو شام جو گهر آيو، ٻارن سان ڪجهه وقت گذاريو، شام جي ماني کاڌي، پنهنجا ضروري ڪم پورا ڪيا، رات ٿي وئي، سمهڻ جو وقت ٿيو تہ نرم ۽ ملائم بستري تي ليٽي پيو پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي جو اڄ نرم نرم بستري تي ڪيس ننڊ نہ پئي آئي.

ننڊ بہ اللہ پاڪ جي نعمت آهي، جنهن کي هُو عطا ڪري، ان کي ئي نصيب ٿيندي آهي. اهو امير شخص دير تائين پاسا مٽائيندو رهيو پر پوءِ بہ ننڊ اچڻ جو

[1]...ذوق نعت،صفحہ:253۔

نالو نہ پئي وني. ڪافي وقت گذري ويو، آخر ان سوچيو، هتي بہ تہ فارغ ليٽيو پيو آهيان، ڇونہ ٻاهر جي تازي هوا جهٽي اچان، هي سوچي ان گاڏي ڪري ۾ ٻاهر نڪري ويو، ڪو ڪم تہ هيو نہ، ايئن ئي هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيو هلندي هلندي هڪ هنڌ ان کي مسجد نظر آئي، دل ۾ خيال آيو تہ هونئن بہ گهمي ڦري رهيو آهيان ڇونہ مسجد ۾ هليو وڃان. جيئن تہ ان گاڏي پارڪ ۾ بيهاري ۽ مسجد ۾ داخل ٿيو، وضو ڪيائين ۽ مسجد جي حال جي طرف وڌيو، هلندي هلندي اوچتو ان جا قدم رڪجي ويا، سڄي مسجد خالي هئي پر هڪ ڪنڊ مان آهستي روئڻ ۽ سڏڪڻ جو آواز اچي رهيو هيو، امير شخص ڏٺو تہ ڪو غريب هو، اهو هٿ کڻي دعا گهري رهيو هو، اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ هو روئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري رهيو هو: اي الله پاڪ! منهنجي ڌيءَ بيمار آهي، ڊاڪٽر آپريشن جو چيو آهي، مون غريب وٽ پيسا ڪٿان اچن، اي ربّ ڪريم! تون اسباب ٺاهڻ وارو آهين، مون غريب جي حالتِ زار تي رحمت جي نظر فرماءِ. اهو امير ننڍ نہ اچڻ جو سبب سمجهي ويو، هو غريب جي ويجهو ويو، ڪيسي ۾ جيتري رقم هئي ڪڍي ڪري ان کي ڏني ۽ پنهنجو ڪارڊ ڏيندي چيائين: هينئر مون وٽ ايتري ئي رقم آهي، وڌيڪ ضرورت پئي تہ هن ايڊريس تي اچي وڃجان.

غريب ماڻهو جيتوڻيڪ غريب هو پر ان جي دل لالچ کان پاڪ هئي، ان ڪارڊ واپس ڏئي چيو: محترم! مون وٽ پهريائين هڪ ايڊريس موجود آهي. امير شخص حِيرت مان پڇيو: اها ڪنهن جي ادريس آهي، جيڪڏهن تو وٽ ايڊريس هئي تہ اتي ڇونہ وئين؟ غريب انسان سادگي سان چيو: اهو ئي جنهن اڄ هن وقت اوهان کي مون ڏي موڪليو آهي مان انهيءَ جي دروازي تي وينو آهيان.

اڄ منهنجي ضرورت پوري ٿي وئي، ٻيهر جڏهن ضرورت پوندي تہ وري انهيءَ دروازي تي اچي ويندس.

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسن
بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا[1]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! اسان جا سبب محدود آهن، اسان جون اميدون ختم ٿي وينديون، بظاهر دروازا بند ٿي ويندا آهن، مشڪل، پريشاني ايندي آهي تہ دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، طاقت، قوت، رابطا ڪجھ ڪم ناهن ايندا، اهڙي وقت ۾ صرف هڪ ئي سهارو هوندو آهي ۽ اهو ڪهڙو آهي؟ منهنجي پياري الله پاڪ جي پاڪ بارگاهہ ان دروازي کان ڪو مايوس ناهي ويندو، اتي جهوليون ڀرجنديون آهن، هتي خيرات ملندي آهي ۽ اهڙي انداز سان ملندي آهي، اهڙي جڳهہ تان ملندي آهي جو جتان ٻانهي جو وهم ۽ گمان بہ ناهي هوندو.

## اڌ مڻ واري ديڳ

مڪتبة المدينہ جو نهايت پيارو ڪتاب آهي: عيون الحڪايات، هن ۾ نهايت پيارا ۽ سبق آموز واقعا لکيل آهن، عيون الحڪايات، جلد:1، صفحي 86 تي آهي: حضرت بِڪر بن عبد الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اڳوڻي زماني ۾ هڪ بادشاهہ هو، جيڪو غيرمسلم بہ هو ۽ تمام وڏو ظالم بہ هو، ان دور جا جيڪي ايمان وارا هئا، انهن سان بادشاهہ جي جنگ ٿي، بادشاهہ کي زبردست شڪست جو منهن ڏسڻو پيو، ايمان وارن کي الله پاڪ ڪاميابي عطا فرمائي، پوءِ ان بادشاهہ کي قيد ڪيو ويو، هاڻي ان بادشاهہ جي بابت صلاح مشورو ٿيو تہ هي بادشاهہ تمام وڏو ظالم آهي، هن ماڻهن تي تمام گهڻا ظلمَ ڪيا آهن ۽ غير مسلم بہ آهي، هن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. صلاح مشوري کان بعد هي طئي

[1]...ذوق نعت، صفحہ:18۔

تيو تہ باھ ٻاري وڃي، ان تي ھڪ وڏي ٽامي جي ديڳ رکي ڪري بادشاھ کي ان ديڳ ۾ وڌو وڃي، ايئن بادشاھ سڙي ڪري دردناڪ موت مري ويندو. ان مشوري تي عمل ڪيو ويو باھ ٻاري وئي، باھ جي مٿان ٽامي جي ديڳ رکي وئي ۽ بادشاھ کي ان ۾ وڌو ويو، آھستہ آھستہ ديڳ گرم ٿيڻ شروع ٿي، ديڳ گرم ٿي تہ ان جي گرمائش سان بادشاھ جو جسم سڙڻ لڳو، ھاڻي بادشاھ پنھنجي ڪوڙن خدائن (يعني جن جي عبادت ڪندو ھو انھن) کي ھڪ ھڪ ڪري پڪارڻ لڳو ظاھر آھي اھي خدا ڪوڙا ھئا، اھو بادشاھ ڏوڪي ۾ ھو جن جي اڳيان سڄي زندگي مٿو جھڪائيندو رھيو اھي حقيقت ۾ خدا ھئا ئي نہ، اھي مدد ڪيئن ڪن، بادشاھ ھڪ ھڪ کي پڪاريندو رھيو پر ڪنھن جي بہ طرفان جواب نہ آيو، ان جي ڪوڙن خدائن مان ڪو بہ ان کي بچائي نہ سگھيو، ھاڻي بادشاھ جي دل ۾ خيال آيو، بادشاھ آسمان ڏي نگاھ ڪنئي ۽ بلند آواز سان پڙھڻ شروع ڪيائين: لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ، لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ يعني اھو بادشاھ پنھنجي ڪردار سان، پنھنجي عمل سان ھي اظھار ڪري رھيو ھو تہ اي الله پاڪ! مان سڄي زندگي ڏوڪي ۾ رھيس، مان شرڪ ۾ مبتلا رھيُس، مان ڪوڙن خدائن کي تنھنجو شريڪ ڪندو رھيُس، مان ڪوڙن خدائن جي اڳيان سجدي ۾ جھڪندو رھيُس، پنھنجي پيشاني انھن جي اڳيان جھڪائيندو رھيُس، پر اي ربِّ ڪريم! اي حقيقي ربِّ ڪريم! اڄ مان سمجھي چڪو آھيان اھي سڀئي ڪوڙا ھئا، اي الله پاڪ! اڄ مان تنھنجي اڳيان مٿو جھڪايان ٿو، تنھنجي حضور حاضر ٿيان ٿو، جڻ تہ اھو بادشاھ پنھنجي عمل سان ھي چئي رھيو ھو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آھيان، اي الله مان حاضر آھيان. مان شرڪ کي ڇڏيان ٿو، مان ڪفر کي ڇڏيان ٿو ۽ مان پنھنجن باطل عقيدن کي ڇڏي ڪري تنھنجي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ڪري اقرار ڪريان ٿو: لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ھاڻي بادشاھ جڏھن لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پڙھڻ شروع ڪيو،

حضرت بِڪر بن عبد الله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: الله پاڪ ايڏو مينهن وسايو جو سڀ ڪجهه ٻاهه وسامي وئي، پوءِ اوچتو تيز طوفان هليو،ايترو تيز طوفان هليو جو بادشاهه سميت پوري ديڳ کي اڏرائي ڪٽي ويو، هاڻي ديڳ اڏامي پئي بادشاهه ان ديڳ جي اندر آهي ۽ پڙهي رهيو آهي :لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ، لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ايئن ئي بادشاهه پڙهندو رهيو ۽ طوفان ان کي ۽ ديڳ کي پري هڪ ڳوٺ ۾ ڪٽي ويو، جنهن ڳوٺ ۾ وڃي ديڳ زمين تي لٿي، اهو ڳوٺ غير مسلمن جو ڳوٺ هو، هاڻي جڏهن غير مسلمن لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جون صدائون ٻڌيون، ته ڀڄي ڪري تلوارون مياڻ مان ڪڍي آيا، پر جڏهن انهن ڏٺو ته هڪ ديڳ اڏامي آئي آهي ان ۾ هڪ شخص آهي اهولَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جو وِرد ڪري رهيو آهي، ته انهن کي ڪجهه حيراني ٿي ته هيءَ ديڳ ڪيئن اڏامندي آئي، ته انهن بادشاهه کان سڄي ڪهاڻي پڇي؟ سڄو واقعو پڇيو؟ جڏهن بادشاهه پنهنجو سڄو واقعو ٻڌايو ته غير مسلمن جو سڄو ڳوٺ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! جيڪو ٻانهو سچي دل سان الله پاڪ جي طرف متوجهه ٿيندو آهي، الله پاڪ جي طرف رجوع ڪندو آهي، سچي دل سان الله پاڪ کي پڪاريندو آهي، الله پاڪ ان ٻانهي جي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا سبب پيدا ڪندو آهي..! پر افسوس جي ڳالهه آهي، اڄ اسان جي زندگي مان هيءَ ڳالهه گهٽ ٿيندي پئي وڃي ته، اسان ڄاڻون ٿا اسان وٽ اسباب محدود آهن، اسان ڄاڻون ٿا ته اسان محتاج آهيون، اسان ڄاڻون ٿا ته اسان تي مشڪلاتون اينديون آهن پر دعا ڪرڻ ۾ ڏاڍي سستي ٿيندي آهي، الله پاڪ جي بارگاهه کان استعانت(يعني مدد گهرڻ) جو رجحان به اسان جي معاشري ۾ گهٽ ٿيندو پيو وڃي.

[1] ... عُيونُ الحِڪَايَات مترجم ، جلد:1، صفحہ:86خلاصتہً

## هڪ ضروري پريڪٽيڪل

دنيا ۾ تمام وڏا ٽيسٽ ٿيندا آهن.اچو! ڪجهه گهڙين جي لاءِ اسان پنهنجي هڪ ٽيسٽ ڪيون ٿا: اسان مان هرهڪ پنهنجي دل ۾ ٿورو غور ڪري ته جڏهن اسان تي ڪا پريشاني ايندي آهي ته اسان جي دل ۾ سڀني کان پهريون سوال ڪهڙو ايندو آهي؟ عام طور حالات هي ئي هوندا آهن ته جيڪڏهن بيماري اچي ته اسان جي دل ۾ سڀ کان پهريون خيال ڊاڪٽر جو ايندو آهي، جيڪڏهن قانوني مسئلو بڻجي وڃي ته پهريون خيال وڪيل جو ايندو آهي، جيڪڏهن پيسن جي ضرورت پئجي وڃي ته پهريون خيال پنهنجي يائرن، دوستن، عزيزن جو ايندو آهي. هر هڪ پنهنجي دل کان پڇي ڇا ايئن ناهي؟ شايد اسان مان ڪيئي ماڻهن ڪي جواب ها ۾ ملندو ته هائو! ايئن ئي آهي، مشڪل ۽ پريشاني جي وقت اسان جي دل ۾ پهريون خيال دنيا جي ظاهري اسباب جو ايندو آهي. هي به جيتوڻيڪ گناهه ناهي، باقي هڪ مسلمان جي شان هي آهي ته ان کي پريشاني اچي، مشڪل اچي، بيمار ٿئي، ڪو مسئلو بڻجي وڃي يا خوشي ملي، هر حال ۾ ان کي سڀ کان پهريون خيال پنهنجي رب جو اچڻ گهرجي، سڀني سببن جي اهميت پنهنجي جڳهه. بيمار ٿيون ته دوا به وٺڻي آهي، مشڪل اچي ته يائرن، دوستن وغيره کان مدد گهرڻ به پنهنجي جڳهه تي درست آهي پر هي سڀ ٻي درجي جون شيون آهن، هڪ مسلمان جي پنهنجي ربّ ڪريم سان اهڙي لو لڳل هجڻ گهرجي جو ڪجهه به ٿئي، ڪهڙي به حالت هجي، ان جي دل ۾ پهريون خيال الله پاڪ جو اچي.

## اخلاقِ مصطفي ڏسي ڪافر مسلمان ٿي ويو.

3 هجري غزوه غطفان جو موقعو هيو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪي ساڻ وني سفر تي روانه ٿيا، هڪ مقام

تي ترسيا، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنۡہُم ڪجھ فاصلي تي رڪيا ۽ پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اڪيلي هڪ وڻ جي هينان تشريف فرما ٿيا، ڪافر جيڪي هر وقت محبوبِ خدا، سردار انبياء صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي نقصان رسائڻ جا ناپاڪ منصوبا ٺاهيندا رهندا هئا، انهن مان هڪ ڪافر اچانڪ ڪٿان ظاهر ٿيو، تلوار هٿ ۾ هئي، بجلي جيان تلوار لهرائيندي پياري آقا، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قريب پهتو ۽ غرور ۽ تڪبر سان چوڻ لڳو: محمد صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ٻڌايو! هاڻي اوهان کي مون سان ڪير بچائيندو؟ محبوب، رحمٰن سلطان دوجهان صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ نهايت اطمينان سان فرمايو: الله (يعني مون کي الله پاڪ بچائيندو).

بس ايترو چوڻو هيو، اڱئين ئي لمحي ۾ اهو ڪافر هيٺ ڪِريل هو، تلوار رحمت واري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ هٿ ۾ هئي، هاڻي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هاڻي توکي مون سان ڪير بچائيندو؟ اهو ڪافر هيو، ان مايوس ٿيندي چيو: مونکي بچائڻ وارو ڪوبہ ناهي. رحمت عالم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان جي بي وسي تي رحم ڪائيندي ان کي معاف ڪري ڇڏيو، ان ڪافر جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اهڙو اعليٰ اخلاق ڏٺو تہ متاثر ٿي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! اسان جا پيارا نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اڪيلا هيا، اوچتو ڪافر حملو ڪيو، ان جي هٿ ۾ تلوار هئي، ان لمحي ۾ پياري آقا رسول خدا صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڇا فرمايو؟ مون کي الله پاڪ بچائيندو.

اهو آهي اسان جي پياري آقا رسول خدا صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو پيارو پيارو انداز...! اڄڪلھ اسان جي معاشري مان هي انداز ختم ٿيندو پيو وڃي، اسان ٿورو ماضي جي طرف غور ڪيون، وڌيڪ نہ 50 يا 60 سال پوئتي وڃون، گهرن ۾

[1] ... شرح زرقانی علی المواہب الدنیہ، جلد:2، صفحہ:381 خلاصۃً

هڪ ماحول هوندو هو، مائرون پنهنجي ننڍن ٻارن کي عملي طور ذڪرالله سيکارينديون هيون، ننڍڙو ٻار هلندي هلندي ڪري پوندو هو يا ٿاٻڙجي پوندو هيو ته ماءُ جي واتان بي اختيار نڪرندو هيو: حَسْبِیَ الله. ٻار رات جو ننڊ ۾ ڊڄندو هيو ته مائرون سيني سان لڳائي الله پاڪ جو ذڪر ڪنديون هيون. ڪا چرڪائيندڙ ڳالھ ٿيندي هئي ته ماڻهن جي واتان نڪرندو هيو: ياالله! خير...! يا انهيءَ طرح جا ٻيا پيارا پيارا جملا زبان تي رهندا هيا پر هاڻي ماڻهو ماڊرن ٿي ويا آهن، هاڻي ته اهڙو ماحول گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، هاڻي ته ماڻهو هاءِ هُو ڪندي نظر ايندا آهن يا جيڪي وڌيڪ ماڊرن آهن اهي انگلش ۾ چوندا آهن: *Oh Shit*.

هي سڀ جيتوڻيڪ گناھ ناهي پر ڪاش! اهڙن موقعن تي بہ بي معنٰي لفظ واتان ڪڍڻ جي بجائي اسان الله جو ذڪر ڪيون، اسان جي توجھ صرف ۽ صرف الله پاڪ ئي جي طرف رهي، مشڪل اچي، پريشاني اچي، بيماري اچي، قرض داري اچي، تنگدستي اچي تہ اسان جي سيني کان پهرين توجھ پنهنجي پياري الله ڪريم جي طرف وڃي، اسان کي مشڪل کان نجات ڪير ڏيندو؟ الله پاڪ ڏيندو. بيماري کان شفاء ڪير ڏيندو؟ الله پاڪ ڏيندو، قرض داري کان، تنگدستي کان نجات ڪير ڏيندو؟ الله پاڪ ڏيندو. لھٰذا اسباب تي نہ بلڪ اسان مُسَبِّبُ الْاَسْبَاب (يعني اسباب ٺاهڻ واري الله پاڪ) تي ڀروسو ڪيو، الله پاڪ ئي جي طرف توجھ رکڻ جي عادت ٺاهيو، ڪاش! اسان جي دلين ۾ الله پاڪ جي محبت پختہ ٿي وڃي ۽ اسان جي توجھ جو مرڪز الله پاڪ جي پاڪيزه ذات بڻجي وڃي.

## بزرگانِ دين جو پيارو انداز

حضرت اَبُوالحَسن سرِّي سَقَطِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو واقعو آهي، سندن خدمتِ بابرڪت ۾ پاڙيسري عورت اچي عرض ڪيو: اي اَبوالحسن! رات منهنجي پٽ کي سپاهي

پڪڙي ويا آهن ڪٿي اهي ان کي تڪليف نہ پهچائن، مهرباني ڪيو! منهنجي پٽ جي سفارش ڪيو پاڙيسري عورت جو فرياد ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيهي خشوع ۽ خضوع سان نماز ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن ڪافي دير ٿي وئي تہ ان عورت چيو: **اي ابوالحسن! جلدي ڪيو! ڪٿي ائين نہ ٿئي جو حاڪم منهنجي پٽ کي جيل ۾ وجهي ڇڏي!** حضرت اَبُوالحَسن سَرِي سَقَطِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز ۾ مشغول رهيا، پوءِ سلام ڦيرڻ کان بعد فرمايائون: "اي الله پاڪ جي ٻانهي! مان تنهنجو مسئلو ئي تہ حل ڪري رهيو آهيان." اجان اها گفتگو هلي ئي رهي هئي تہ ان پاڙي واريءَ جي خادمہ ڊوڙندي آئي ۽ چوڻ لڳي: بيبي صاحبہ! گهر هلو! اوهان جو پٽ گهر اچي ويو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي آهي تَوَجُّه اِلَی الله (يعني الله جي طرف توجهه ڪرڻ) جو مبارڪ انداز......! اسان جو حال ڇا آهي؟ اسان اوچتو ڪا غم جي خبر ٻڌي وٺون تہ مٿي تي هٿ رکي ويهي رهندا آهيون، ڪا مشڪل اچي، پريشاني اچي وڃي تہ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا آهيون ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿي ويندا آهيون، ڪجهہ تہ غم جي خبر ٻڌي ڪري دانهون ڪندا آهن، هٿ ۾ پڪڙيل گلاس يا ڪا ٻي شيءِ ڪاوڙ يا غم جي ڪيفيت ۾ زمين تي اڇلي ڀڃي ڇڏيندا آهن، شيون ابتيون سبتيون ڪري ڇڏيندا هوندا. الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو انداز ڏسو تہ ڪهڙو پيارو هوندو آهي! انهن کي مشڪل اچي، پريشاني اچي تہ الله پاڪ جي حضور حاضر ٿي ويندا آهن، انهيءَ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪندا آهن، انهيءَ سان فرياد ڪندا آهن، اهوئي فرياد ٻڌڻ وارو آهي، اهو ئي پنهنجي ٻانهن تي رحم و ڪرم فرمائڻ وارو آهي، الله پاڪ ئي جي طرف توجهہ ڪرڻ سان مشڪلاتون دور ٿينديون آهن.

[1] ... عيون الحڪايات ص165 ملخصاً؛عيون الحڪايات (اردو) جلد1 ص266

## نماز صدمي کان بي خبر ڪري ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان بہ نيڪ ماڻهن وارو پيارو پيارو انداز اپنايون، يقين مڃو! غم ۽ پريشاني جو اصل حل ئي اهو آهي تہ انسان ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي وڃي. تفسيرِ نعيمي ۾ آهي: حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْه جي پٽ جي وفات ٿي، جڏهن ڪين اها غم واري خبر پئي تہ پاڻ نماز ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ايتري ڊگهي نماز پڙهي جو جڏهن ماڻهو پٽ کي دفنائي ڪري واپس آيا. تڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه نماز مان فارغ ٿيا، ماڻهن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: مون کي پنهنجي پٽ سان تمام گهڻي محبت هئي، مان ان جي جدائي جو صدمو برداشت نہ پئي ڪري سگهيس، تنهنڪري نماز ۾ مشغول ٿي ڪري ان صدمي کان بي خبر ٿي ويس.[1]

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ پنهنجي نيڪ ٻانهن جو صدقو اسان کي بہ هميشہ پنهنجي پاڪ بارگاهہ جي طرف متوجهہ رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هر حال ۾ توجهہ رب جي طرف رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مشڪل وقت ۾ تہ پنهنجي رب ڪريم ڏانهن متوجهہ ٿيڻو ئي ٿيڻو آهي، ان سان گڏو گڏ خوشين جي وقت بہ انهيءَ رحمٰن و رحيم جي طرف توجهہ رکڻي آهي بلڪ اها صورت گهڻي اهم آهي جو تہ عام طور انسان خوشحالي جي وقت ئي رب ڪريم کي گهڻو وساريندا آهن. حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي نصيحت ڪندي فرمايو: اِحْفَظِ اللهَ تَجِدْهُ اَمَامَكَ الله پاڪ جي حقن جي حفاظت

---

[1] ... تفسير نعيمى ، پاره:1، سورۀ بقره، تحت الآية:45، جلد:1، صفحہ:349۔

ڪر! تون ان کي پنهنجي ويجهو لهندين. تَعَرَّفْ اِلَى اللهِ فِي الرَّخَاءِ يَعْرِفْكَ فِي الشِّدَّةِ خوشحالي ۾ الله پاڪ کي ياد رک! هو تنگدستي ۾ تو تي خاص توجهه فرمائيندو.[1]

حضرت ملّا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جنهن شيءِ جو الله پاڪ حڪم ڏنو آهي، ان تي عمل ڪر، جنهن شيءِ کان الله پاڪ منع فرمايو آهي، ان کان پري رهه، ان جي برڪت اها ٿيندي تہ الله پاڪ دنيا ۾ مصيبتن ۽ پريشانين کان ۽ آخرت ۾ عذابن کان تنهنجي حفاظت فرمائيندو. معلوم ٿيو جيڪو شخص الله پاڪ جو ٿي وڃي، الله پاڪ ان جو ٿي ويندو آهي.[2]

## خوشين ۾ رب کي ياد رکو!

اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! اسان جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ تعليم چا آهي: خوشحالي ۾ رب کي ياد رکو! الله پاڪ مشڪل وقت ۾ توهان تي توجهه فرمائيندو.

افسوس! اسان ۾ ڪيترن ئي جو حال ان جي بلڪل ابتڙ آهي، ماڻهن جي هڪ تعداد آهي جيڪي مشڪل ۽ پريشاني جي وقت رب کي ياد ڪندا آهن، بيماري اچي وڃي، تنگدستي اچي وڃي، ڪاروبار بند ٿي وڃي، اميدون ٽٽي وڃن تہ الله پاڪ جي حضور جهڪندا آهيون، نمازون بہ پڙهڻ لڳندا آهيون، ذڪر، دعا، صدقو ۽ خيرات، مسجدن جي حاضري، اوراد و وظائف سڀ ڪجهہ ڪندا آهيون، يقينًا اها تمام سٺي ڳالهہ آهي پر تشويشناڪ معاملو اهو آهي تہ انهن ماڻهن کي جڏهن خوشيون ملنديون آهن، مشڪلاتون دور ٿينديون آهن، خوشحالي ايندي آهي تہ گناهن ڀري زندگي ۾ موٽي ويندا آهن، وڏي عام مثال آهي، جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ موت جو سلسلو ٿيندو آهي، ڪنهن جي ماءُ يا پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ،

[1] ... شُعب الايمان، جلد:7، صفحه:203، حديث:10001۔
[2] ... مرقاة المفاتيح، كتاب الرقاق، جلد:9، صفحه:490، تحت الحديث:5302۔

چاچو يا ڪو ٻيو رشتيدار انتقال ڪندو آهي ته گهر ۾ ڪهرام مچيل هوندو آهي، اکين ۾ ڳوڙها هوندا آهن، ڪڏهن مسجد ۾ وڃي امام صاحب کان دعائون ورتيون وينديون آهن، ڪڏهن ته گهر ئي ۾ قرآن خواني جو سلسلو هوندو آهي پر ڪجهه ئي مهينن کان بعد جڏهن انهيءَ گهر ۾ ڪا شادي جي تقريب اچي وڃي ته ڏسي ايئن لڳندو ئي ناهي ته ڪجهه مهينا هن گهر ۾ ڪهرام متل هو، خوب شهنائيون وڄنديون آهن، دهل وڄندا آهن، ڳائڻ وڄائڻ جون محفلون سجنديون آهن، شور شرابو ڪري، هل هنگامو ڪري پوري محلي جي ننڊ خراب ڪئي ويندي آهي. يقينًا ٿن ڏينهن کان وڌيڪ غم ڪرڻ شرعي طور جائز ناهي پر خوشي جي وقت گناهن جو بازار گرم ڪرڻ کان به شريعت منع ڪيو آهي. اسان ڇو خوشين ۾ رب پاڪ کي وساري ويهندا آهيون؟ مڱڻي ۽ شادي جي موقعي تي، عيد ۽ خوشين وارن ڏينهن تي، ٻارن جي سالگره جي وقت اسان کي شريعت جي تعليمات ڇو ياد نٿي رهي...؟

## ڪافرن جي هڪ بري عادت

الله پاڪ قرآن ڪريم فرمائي ٿو:

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖۤ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآىِٕمًاۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ یَدْعُنَاۤ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗؕ

(پاره11،سورۃ يونس:12)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جڏهن انسان کي تڪليف پهچندي آهي ته سمهندي ويهندي ۽ بيهندي (هر حالت ۾) اسان کان دعا ڪندو آهي پوءِ جڏهن اسان ان جي تڪليف دور ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ ائين هليو ويندو آهي ڄڻ ڪڏهن ڪنهن تڪليف جي پهچڻ تي اسان کي پڪاريو ئي نه هو.

تفسيرصراط الجنان ۾ آهي: يعني ڪافر کي جڏهن تڪليف پهچندي آهي ته اهو ليٽندي، ويهندي، بيهندي هرحال ۾ اسان کان دعا ڪندو آهي ۽ جيستائين ان جي تڪليف ويندي نه رهي دعا ۾ مشغول رهندو آهي، پوءِ جڏهن اسان ان جي تڪليف دور ڪري ڇڏيندا آهيون ته اهو اسان کان منهن موڙي ڪري پنهنجي پهرين طريقي تي هلندو آهي ۽ اها ئي ڪفر جي راهه اختيار ڪندو آهي ۽ تڪليف جي وقت کي وساري ويهندو آهي جڻ ته ڪڏهن ڪنهن تڪليف جي پهچڻ تي ان اسان کي پڪاريو ئي نه هيو.

هن آيت مان خبر پئي ته انسان مصيبت جي وقت ڏاڍو بي صبرو آهي ۽ سکون جي وقت نهايت ناشڪرو جڏهن تڪليف پهچندي آهي ته بيهندي ليٽندي، هرحال ۾ دعا ڪندو آهي ۽ جڏهن الله پاڪ تڪليف دور ڪري ڇڏي ته شڪر ناهي ڪندو ۽ پنهنجي پهرين حالت ڏانهن موٽي ويندو آهي. اهو حال غافل جو آهي. عقلمند مومن جو حال ان جي خلاف آهي اهو مصيبت ۽ تڪليف تي صبر ڪندو آهي راحت ۽ سکون ۾ شڪر ڪندو آهي، تڪليف ۽ سکون جي مڪمل حالت ۾ الله پاڪ جي حضور گريه و زاري ۽ دعا ڪندو آهي.[1]

معلوم ٿيو جيڪو عقلمند مومن آهي، اهو ڪڏهن ڪنهن حال ۾ پنهنجي رب ڪريم سان غافل ناهي ٿيندو، ان جي توجهه هر وقت پنهنجي پياري الله پاڪ جي طرف هوندي آهي، جڏهن ان کي نعمت ملي ته پنهنجي رب جو شڪر ڪندي ان جي بارگاهه ۾ جهڪندو آهي ۽ جڏهن مصيبت پهچندي آهي ته پنهنجي پياري الله پاڪ جي بارگاهه ۾ توبهه ڪندو آهي، استغفار ڪندو آهي، دعائون گهرندو آهي، ائين هروقت ان جي توجهه جو مرڪز رڳو هڪ ئي هوندو آهي، اهو هر وقت پنهنجي پياري الله پاڪ جي طرف ئي متوجهه رهندو آهي.

[1] ... تفسير صراط الجنان، پاره:11، سورهٔ يونس، تحت الآية:12، جلد:4، صفحه:293۔

# الله پاڪ جي طرف ڊوڙو...!

فَفِرُّوْۤا اِلَى اللّٰهِ ؕ
(پاره27،سورة ذاريات:50)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ الله جي طرف ڊوڙو.

يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان فرمائي ڇڏيو ته اي انسانو! الله پاڪ جي طرف ڊوڙو...! حضرت سهل تُستري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان فرمائن ٿا: انسانو! مَاسِوَى الله (يعني الله پاڪ کان سوا دنيا جي هر شيءِ) کي ڇڏي ڪري الله پاڪ جي طرف ڊوڙو![1]

## غلام تي عنايتن جو نرالو سبب

هڪ بادشاهه هو، ان جا ڪوڙ سارا غلام هئا، سڀ پنهنجي پنهنجي لحاظ سان بادشاهه جي خدمت ۾ ڪا گهٽتائي ڪونہ ڪندا هئا پر بادشاهه کي پنهنجي هڪ غلام سان تمام گهڻي محبت هئي، ان تي عنايتون بہ گهڻيون ڪندو هو، اها ڳالهه ٻين غلامن کي بري لڳندي هئي، هڪ ڏينهن انهن سڀئي همت ڪري بادشاهه کي چيو: بادشاهه سلامت! ڪهڙو سبب آهي جو اوهان هن غلام سان وڌيڪ محبت ڪندا آهيو، هن تي عنايتون بہ گهڻيون ڪندا آهيو؟ بادشاهه سلامت معاملو سمجهي ويا، چوڻ لڳا: اسان هڪ سفر تي هلنداسين سڀئي تياري ڪيو، اسان جلدي سفر تي هلنداسين، تياريون شروع ٿي ويون، بادشاهه وٽ سواري پيش ڪئي وئي، سمورا غلام بہ گڏ هلڻ لڳا ۽ بادشاهه سلامت سيني غلامن کي وٺي سفر تي نڪري پيا، هلندي هلندي هڪ هنڌ تي تمام پري برف جو پهاڙ نظر آيو، پورو پهاڙ برف سان ڍڪيل هو، وڏو خوبصورت منظر

[1] ... روح البيان، پاره:27، سورة ذاريات، تحت الآية:50، جلد:9، صفحہ:171۔

هو، بادشاهه سلامت رڪجي ويو، بادشاهه جي ادب ۾ غلامن به سواريون روڪي ورتيون پر اهو غلام جيڪو بادشاهه جو منظورِ نظر هو، ان پنهنجي سواري نه بيهاري، سڀئي حيران هئا ته هن ڪي ڇا ٿيو؟ هي ڪاڏي پيو وڃي؟ ڪجهه ئي دير ۾ اهو غلام واپس پهتو ان جي هٿ ۾ انهيءَ پهاڙ جي ڪجهه برف هئي. بادشاهه سلامت غصي مان پڇيو: تون ڪاڏي ويو هئين؟ هي برف ڇو آندي اٿئي؟ غلام عرض ڪيو: بادشاهه سلامت اوهان هن پهاڙ کي غور سان ڏٺو هو ۽ مان ڄاڻان ٿو ته اوهان بغير ڪنهن سبب جي ڪنهن به شيءِ کي غور سان ناهيو ڏسندا، تنهنڪري مان سمجهي ويس ته اوهان برف حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا: سو بادشاهه ٻين غلامن کي مخاطب ڪندي چيو: هن ۾ ۽ توهان ۾ اهو فرق آهي، توهان جي توجهه ڪمن ڏانهن هوندي آهي پر هن جي توجهه جو مرڪز مان آهيان، هي هر شيءِ کي ڇڏي مون ڏانهن متوجهه رهندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! اها حقيقي بندگي آهي. اسان جو حال تمام مختلف آهي، اسان کي خوشي ملي ته اسان خوشيءَ جا ٿي ڪري رهجي ويندا آهيون، غم اچي ته غم ۾ گهايل ٿي ويندا آهيون، نه خوشيءَ ۾ الله پاڪ جي ياد ايندي آهي، نه غم جي وقت صحيح معنٰي ۾ الله پاڪ جي ياد دل ۾ ويهندي آهي. خوشي ملي ته گناهن جو بازار گرم ٿيندو آهي ۽ ڪو غم اچي وڃي ته ماٺهو شڪوي شڪايت ۾ مصرووف ٿي ويندا آهن بلڪ ڪجهه نادان ته هن حالت ۾ معاذالله! ڪفريه جملا به بڪندا آهن. الله پاڪ اسان کي حقيقي بندگي نصيب فرمائي. ڪاش! اسان جي توجهه هرحال ۾ الله پاڪ ڏانهن رهي، خوشي ملي ته ان جو شڪريو ادا ڪيون، غم اچي وڃي ته صبر ڪيون، ان جي حضور سجدو

---

[1] ... رساله قشيريه،باب المراقبه،صفحه:225-226خلاصةً۔

ڪيون، دعائون گهرون، انهيءَ جي حضور ڳِڙڳڙايون. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب ڪري.

محبت میں اپنی گما یا اِلٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یا اِلٰہی!
رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں | پِلا جام ایسا پِلا یا اِلٰہی!
میں کار باتوں سے بچ کر ہمیشہ | کروں تیری حمد و ثنا یا اِلٰہی! (1)

## ڇا اوهان کي سور نہ ٿيو...؟

**حضرت رابعہ بصريہ** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہَا نهايت نيڪ ۽ پارسا خاتون هيون، هڪ ڀيري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہَا ڪنان گذري رهيون هيون تہ ديوار مان هڪ سِر ڪري ۽ ڪين مٿي ۾ اچي لڳي، رت وهڻ لڳو پر **حضرت رابعہ بصريہ** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہَا ان جي طرف بلڪل توجهہ نہ ڪئي، ماڻهن پڇيو: ڇا اوهان کي تڪليف نہ ٿي؟ **حضرت رابعہ بصري** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہَا جو خوبصورت جواب ٻڌو! فرمايائين: هيءَ سِر پاڻهي ناهي ڪري بلڪ الله پاڪ جي ارادي سان ڪري آهي، منهنجي مٿي ۾ پاڻهي ناهي لڳي بلڪ الله پاڪ جي ارادي سان لڳي آهي، مان تہ هن سوچ ۾ آهيان تہ منهنجي پياري الله پاڪ جو ارادو مون ڏانهن ٿيو آهي، ان ڪري مون کي هن جي تڪليف جو احساس تائين ناهي ٿيو.[2]

سُبۡحٰنَ الله! اها ڪهڙي نہ عظيم ڳالهہ آهي، ڪهڙي نہ ڪمال جي سوچ آهي. سِر لڳي آهي، مٿي مان رت وهي رهيو آهي پر **حضرت رابعہ بصريہ** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہَا هن سوچ ۾ گم آهي تہ الله پاڪ جو ارادو مون ڏانهن ٿي ويو. ڪنهن پنجابي شاعر ڇا خوب چيو آهي:

جے سوہنا میرے دُکھ وِچ راضی | میں سُکھ نُوں چُلھے پاواں

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ: 105.

[2] ... الكواكب الدرية ،طبقہ ثانيہ، حرف راء ،رابعہ عدويہ، جلد: 1، صفحہ: 270 خلاصةً .

**وضاحت:** يعني جيڪڏهن منهنجي الله پاڪ جي مرضي اها ئي آهي ته مون کي دنيا ۾ ڏک پهچي ته مان خوشين کي باهه ۾ وجهان ٿو، مون کي منهنجي رب جي مرضي منظور آهي.

الله پاڪ اسان کي به اهڙي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! ائين ٿي وڃي، خوشيون ملن يا ڏک اچي، مشڪل هجي يا آساني، پريشاني هجي يا خوشحالي، هرحال ۾ اسان الله پاڪ ڏانهن ئي متوجهه رهون، ڪاش! الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ جي سوچ نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهڻ به عشق رسول وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي، لهٰذا عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. اِن شَآءَ الله الکریم! دِل روشن ٿيندي، عشقِ رسول نصيب ٿيندو، محبتِ اِلٰهي نصيب ٿيندي ۽ دين ۽ دُنيا جون بي شُمار ڀلائيون هٿ اينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني مذاڪرو به آهي.

شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِیه هر ڇنڇر جي رات عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي براهِ راست (لائيو) سُوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن، اوهان به مدني چينل تي پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ، ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيو.

## ماڊرن نوجوان جي توبهہ

منڊي بهاؤ الدين (صوبہ پنجاب، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پهريان مان فيشن جي هلاڪت ڪنڌڙ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. هر وقت دل و دماغ تي فيشن جو ڀوت سوار رهندو هو ۽ نيڪين کان پري دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رهيو هئس. هڪ ڀيري هڪ مبلغ، دعوتِ اسلامي تحت ٿيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، پوءِ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پُرڪيف ماحول، پُرسوز بيان، سحرو افطار جا روحاني منظر تمام سنا لڳا، وڌيڪ ڪرم اهو جو اميرِاهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي علمي ۽ روحاني ”مدني مذاڪرن“ ۽ رقت انگيز دعائن دل مان گناهن جو مير صاف ڪري ڇڏيو. منهنجي گناهن سان ڀريل انڌيري زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني ڦهلجي وئي. مون پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه سان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتو، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو ۽ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتو.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي،

تي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت ئي پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”اوقاتِ نماز“ (prayer Times) جاري ڪئي آهي. ۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جا اوقات ۽ قبلي جو رُخ معلوم ڪري سگهجي ٿو. ۞ ان کان علاوه پنج ئي نمازن جي وقت جو ماهوارانہ ٽائم ٽيبل، اذڪار (روحاني علاج)، مدني چينل ريڊيو، نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”جانورن تي رحم ڪرڻ“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ : (1) توهان هنن بي زبان جانورن جي باري ۾ الله پاڪ کان ڊڄو، انهن تي ان وقت سوار ٿيو جڏهن اهي سٺي حالت ۾ هجن

---

[1] ... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

۽ چڱي طرح انهن کي کارايو.[1] (2) هر ذي روح تي شفقت جو اجر ملي ٿو.[2]

اي عاشقانِ رسول! جانورن تي رحم ڪرڻ سُنّت مصطفيٰ آهي ❁ رحمتِ عالم نور مجسم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن تي به وڏي شفقت ڪندا هئا ❁ رسول اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن جو فرياد ٻڌندا هئا ۽ انهن جي مدد ڪندا هئا ❁ هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ اُٺ جي فرياد تي ان جي مالڪ کي فرمايو: توهان هن کي بکايل رکو ٿا ۽ ڪم گهڻو وٺو ٿا.[3] ❁ جيڪڏهن ڪو جانورن کي تڪليف ڏيندو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کان ناراض ٿيندا هئا ❁ رحمت عالم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ، انهن کي ٻڌي مارڻ ۽ ان جو مُثلو ڪرڻ (يعني چهرو بگاڙڻ) کان منع ڪندا هئا.[4]

ہرن نے، اونٹ نے، چڑیوں نے کی یہی فریاد | کہ ان کے غم کا مداوا حضور جانتے ہیں

الله پاڪ اسان کي به سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي عمل ڪندي جانورن تي شفقت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين

---

[1] ... ابوداؤد، كتاب:جہاد، صفحہ:408، حديث:2548
[2] ... بخاری، كتاب :مظالم وغصب صفحہ:635، حديث:2466
[3] ... ابوداؤد، كتاب:جہاد، صفحہ:408، حديث:2549 خلاصةً
[4] ... سيرت رسول عربی، صفحہ:332تا 335ملتقطاً

ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[2] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455